سنڌي

# گناھ جي سڃاڻپ



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **گناه جي سزا ٽپ**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

گناهہ دل جي اونداهي، شيطاني وسوسا، قلبي ۽ باطني گناهہ ۽ انهن گناهن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي اهميت ڪي اجاگر ڪرڻ متعلق انتهائي اهم علمي سوال ۽ جوابن تي مشتمل رسالو.

# گناهہ جي سڃاڻپ

## از: شيخ الحديث وا لتفسير ابو صالح محمد قاسم عطاري

### ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ ٽرانسليشن ڊپا رٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

7213UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext.

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

## گناھ جي سچاٽپ

دُرود شريف جي فضيلت ........ 4
دل جي ڪٽ لاهڻ جا چار طريقا ........ 5
(1)تلاوت قرآن مجيد: ........ 6
(2)ذڪرالٰهي ........ 6
(3) موت جي ياد ........ 7
(4) صالحن جي صحبت ........ 8
گناھ جي سچاٽپ جو طريقو ........ 9
دل جو اطمينان ........ 13
دل جو گنهگار هجڻ ........ 17
فاسق جي تعريف ........ 19
گناھ جي ڪم ۾ مخلوق جي ڳالھ مڃڻ جو حڪم ........ 21
وَسْوَسن جو بيان ........ 23
وسوسن جي سچاٽپ جو طريقو ........ 24
وسوسن ۾ گناھ جي صورت ........ 24
رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ ........ 25
قلبي (باطني) گناهن جو بيان ........ 27
گناهن جي معلومات حاصل ڪرڻ ........ 30
گناھ تي تعاون ڪرڻ ........ 31

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# گناھ جي سڃاڻپ

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانوَ نہ هوندي، تي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو.“

(اَلْبدورُ السّافرة لِلسّيوطي، ص ۱۳۱حديث: ۳۶۶)

سوال: خطا تي گناھ جو اطلاق ڪڏهن ٿيندو آهي؟ پڻ ڇا شريعت ۾ ويسر تي بہ گناھ ملندو آهي؟ مثلاً: روزي جي حالت ۾ غلطي يا ڀل ۾ ڪائي پي ڇڏيو، يا نماز جو وقت گذري وڃڻ کان بعد ۾ نماز جي ياد آئي، تہ ان جو ڇا حڪم آهي؟

جواب : روزيدار کي جيڪڏهن روزو ياد نہ هجي ۽ ڪائي، پي ڇڏي، تہ اُن صورت ۾ روزو ناهي ٽٽندو، ان کان علاوه جو گناھ تي ۽ جيڪڏهن روزو ياد آهي، پر گرڙي ڪندي وقت غلطي کان **ڪاڪڙي** ۾ پاڻي هليو ويو، تہ هن صورت ۾ روزو ٽٽي پوندو، پر هن صورت ۾ گناھ ناهي، باقي روزي جي **قضا** لازمي آهي، ايئن ئي معاملو نماز جو آهي،

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي نماز پڙهڻ وسري وئي، يا سمهي پيو ۽ نماز جو وقت نڪري ويو ته جڏهن ياد اچي تڏهن پڙهي وٺي چوته هاڻي قضا پڙهڻ ذمي تي فرض آهي.

باقي هن صورت ۾ نماز قضا ڪرڻ جو گناهه نه ملندو. سرڪار دوعالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: يعني جنهن شخص کان نماز وسري وڃي يا نماز جي وقت ۾ سمهي رهيو، ته جڏهن ان کي ياد اچي (ته) انهي وقت نماز پڙهي وٺي چوته هي ئي ان جو وقت آهي.

(ابن ماجہ، کتاب الصلاۃ، باب من نام عن الصلاۃ او نسیہا،ص227،حدیث695)

هن حديث شريف ۾ سُتل شخص جي صرف ننڊ جي ڪري نماز قضا ٿي وئي ۽ جاڳي واٽي جڏڻ جي صورت نه پاتي وئي، ته ٻڌايو ويو ته اُن کي نماز ڇڏڻ جو گناهه نه ملندو، انهي طرح جيڪڏهن نماز پڙهڻ وسري ويس ايستائين جو نماز جو وقت به نڪري ويو، ته هاڻي به گناهه ناهي، پر نماز جي قضا هر صورت ۾ لازم ٿيندي.

## دل جي ڪٽ لاهڻ جا چار طريقا

سوال: دل تي جيڪڏهن گناهن جي ڪري **ڪٽ** لڳي وڃي، دل مُئل ۽ سياهه ٿي وڃي، ته اُن ڪٽ، سياهي ۽ دل جي اُداسي کي ڪيئن ختم ڪري سگهجي ٿو.؟

جواب: دل جي ڪٽ کي دور ڪرڻ جو سڀ کان وڏو ۽ بهترين ذريعو الله پاڪ ۽ ان جي رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۽ الله پاڪ جو خوف آهي، هي اهي عظيم شيون آهن، جن جي ذريعي دل جي ڪٽ دور ٿيندي آهي، هاڻ رهي ڳالهه ته **”محبت رسول** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم“ جو اهو

ڪهڙو پهلو آهي. جنهن سان دل جي ڪٽ دور ٿيندي آهي؟ ۽ خوف جي ڪهڙي ڪيفيت جي ذريعي دل جي ميراڻ پري ڪري سگهجي ٿي؟ تہ ياد رکو محبت جو اصل مفهوم **”قلب جو رُجحان پڻ دل جي پسنديده شي جي طرف مائل هجڻ آهي؟“** پوءِ خوفِ خدا ۽ محبت مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي برڪت سان جڏهن هيٺ بيان ڪيل اعمال تي استقامت نصيب ٿي وڃي، تہ دلين جو زنگ لهي ويندو آهي، اُهي عمل هي آهن:

## (1) تلاوت قرآن مجيد:

قرآن پاڪ جي تلاوت غور و فڪر سان ڪئي وڃي. پڻ سمجهي ڪري ۽ ظاهري آداب سان تلاوت ڪئي وڃي. هتي آداب مان مراد شرعي احڪام سان گڏ ان جي مستحبات جو خيال رکڻ آهي. جيئن تلاوت ڪندي ڪامل توجهہ قرآن ڪريم جي طرف هجي، قاري ڪلام الٰهي جو تصور ڪندي ايئن پڙهي جڻ الله پاڪ ڪان گفتگو ڪري رهيو آهي ۽ هُو محسوس ڪري تہ قرآن مجيد جي نورانيت اُن جي دل ۾ داخل ٿي رهي آهي ۽ قرآن پاڪ ان جي دل جو زنگ ڌوئي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو انسان قرآن ڪريم کي ان حسين تصورن سان سمجهي ڪري پڙهندو، تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه ان جي دل جو زنگ تمام جلد پري ٿي ويندو.

## (2) ذڪرالٰهي

اهڙي طرح اگر الله پاڪ جو ذڪرو اذڪار توجهہ سان ٿي ۽ بي توجهي ۽ غفلت نہ پاتي وڃي، بلڪ خاص ڪري بارگاهِ الٰهي جي

حاضري کي دل ۽ دماغ ۾ ڄمائيندي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو وڃي، ذڪرالله جا ڪلما جيئن

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ"، "سُبْحَانَ اللّٰهِ وَاللّٰهُ اَكْبَر"، "وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ"، "سُبْحَانَ رَبِّيَ الْعَظِيْم"، "سُبْحَانَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللّٰهِ الْعَظِيْم

هي ۽ هن جهڙا جيترا به اذڪار آهن اُنهن جي ذريعي الله پاڪ کي ياد ڪيو وڃي، ايئن ئي ذڪر ڪندي وقت الله تعاليٰ جون نعمتون ياد رکيون وڃن، تہ اهڙي ذڪر جي برڪت سان دل جي نورانيت ۾ تمام تيزي سان اضافو ٿيندو آهي.

## (3) موت جي ياد.

موت، قبر ۽ آخرت هي ٽئي شيون اهي آهن، جيڪي دل جي سياهي پري ڪرڻ ۾ نهايت مددگار آهن. انسان موت کي ياد ڪندو آهي، تہ اُن جي دل نرم ٿي ويندي آهي. اهو قبر کي ڏسندو ۽ ٻين جي موت تي توجهہ ڪندو آهي، تہ اُن کي پنهنجي قبر ياد اچي ويندي آهي. اهو قبر ۾ وڃڻ ۽ پنهنجي بدن جي ڳرڻ کي ياد ڪندو آهي، تہ اُن جي دل نرم ٿي ويندي آهي. اهو آخرت جي معاملن، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيشي ۽ حاضري جو تصور ڪندو آهي، اعمال نامو ڏنو وڃڻ، حشر جي اُڃ ۽ پلصراط تان گذرڻ کي ياد ڪندو آهي، تہ اُن جي دل مان دنيا جي محبت، گناهن جي لذت ۽ خواهشن جي ڪثرت نڪري ويندي آهي ۽ اُن کي دل جي اونداهي کان نجات ملي ويندي آهي. انهي کي "شرح صدر" بہ چيو ويندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: يعني نور جڏهن سيني ۾ داخل

ٿيندو آهي، تہ سينو کُلي ويندو آهي، تہ عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا هن جي ڪا نشاني آهي جنهن سان نور سڃاتو وڃي؟ ارشاد فرمايائون: ها دوکي جي جڳهہ (دنيا) کان پري رهڻ، دائمي گهر(يعني آخرت) جي طرف رجوع ڪرڻ ۽ موت اچڻ کان پهريان اُن جي تياري ڪرڻ.

(شعب الايمان، باب فی الزهد و قصر الامل، 352/7، حديث10552)

## (4) صالحن جي صحبت

**چڱي صحبت** دل جو زنگ دور ڪرڻ جي لاءِ عملي طور تي سيني کان وڌيڪ مؤثر آهي. بعض اوقات هڪ چڱي مجلس انسان جي سڄي زندگي جي زنگ کي ڌوئي ڇڏيندي آهي، جيئن اسان جي سامهون سوين نہ، بلڪ هزارين اهڙا واقعا ۽ مثال موجود آهن تہ ڪنهن نيڪ انسان جي صحبت ۾ ويهڻ يا ان سان گڏ هڪ سفر ڪرڻ سان دل جي دنيا بدلجي وئي ۽ سنت ۽ شريعت جي پيروي جي توفيق نصيب ٿي وئي. زندگي ۾ ايڏي وڏي تبديلي حقيقت ۾ دل جو زنگ صاف ٿيڻ جي سبب آهي جو دل جي سياهي ختم ٿيندي آهي، تہ دل ۾ اهڙي نرمي، چمڪ، روشني ۽ نور پيدا ٿي ويندو آهي جو انسان يڪدم الله تعالي ڏانهن متوجهہ ٿي ويندو آهي ۽ نيڪي جي رستي تي هلڻ لڳندو آهي. نيڪ ماڻهن جي صحبت جي برڪت سان انسان کي خوفِ خدا، محبت الٰهي ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نصيب ٿي ويندو آهي، قرآن مجيد جي تلاوت جي توفيق ملندي ۽ ذڪر و درود ۾ مشغوليت جو شوق پيدا ٿيندو آهي. موت ۽ قبر ۽ آخرت جي ياد بہ نصيب ٿي ويندي آهي. مطلب تہ جيڪڏهن گهڻي توجهہ چڱي صحبت جي حصول تي ڪئي وڃي، تہ مٿي ذڪر ڪيل تمام شيون حاصل ٿيڻ آسان ٿي وينديون آهن. چڱيون

صحبتون هونئن تہ ناياب آهن، پر اڻ لڀ بہ ناهن، سچي طلب سان ڪوشش ڪرڻ وارن کي اڄ بہ چڱي صحبت نصيب ٿي ويندي آهي. **فرد واحد** جو قرب نہ بہ ملي تڏهن بہ هڪ اجتماعي نيڪ ماحول ضرور دستياب آهي، جيئن دعوت اسلامي جو هفتہ وار اجتماع ۽ مدني قافلہ ۽ مدني مذاڪرو وغِيره. جيڪڏهن ڪو شخص انهن کي اختيار ڪري وٺندو آهي، تہ الله پاڪ کان حُسن ظن آهي تہ اُن کي نيڪ صحبت جون برڪتون ملي ويندديون.

## گناهہ جي سڃاڻپ جو طريقو

سوال: گناهہ جي سڃاڻپ جو ڇا طريقو آهي، جنهن کي اپنائي ڪري گناهن کان بچي سگهجي ٿو.

جواب: گناهہ جي سڃاڻپ جو سڀ کان پهريون طريقو علم جو حصول آهي، ڇوتہ علم ئي سڀ کان وڏو ذريعو آهي جنهن جي ذريعي گناهہ جي سڃاڻپ ٿيندي. هن علم جون ڪيئي جهتون آهن، جيئن جيڪڏهن گناهِ ڪبيره جي تعريف ڪامل طور ذهن ۾ هجي، تہ انسان ڪيترن ئي معاملن ۾ گناهہ جو حڪم فوري طور ڄاڻي وٺندو. انهي طرح گناهِ صغيره جي تعريف معلوم هجي، تہ ان سان ڪيترن ئي گناهن جي خبر پئجي ويندي، جيئن فرض جو ڇڏڻ گناهہ ڪبيره آهي، واجب جو ڇڏڻ گناهہ صغيره آهي، پر گناهِ صغِيره باربار دهرائڻ سان، گناهہ ڪبيره بڻجي ويندو آهي. سنّتِ مؤڪده جي ڇڏڻ تي اصرار ڪرڻ، جيئن ظهر جون چار سنتون باربار نہ پڙهڻ، گناهہ ڪبيره ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ انهي طرح قرآن ۽ حديث ۾ اهي شيون جن کان واضح طور منع ڪيو

ويو آهي اهي گناهہ آهن، مثلاً: پنهنجي جانين کي قتل ڪرڻ ۽ بدڪاري ڪرڻ، پنهنجي اولاد کي قتل ڪرڻ وغيره، جيئن تہ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ (پ 5، النسآء: 29) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجين جانين کي قتل نہ ڪيو. |
| وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰۤی (پ 15، بنی اسرائیل: 32) | ترجموڪنزالعرفان: زنا جي ويجهو نہ وڃو. |
| وَلَا تَقْتُلُوْۤا اَوْلَادَكُمْ (پ 8، الانعام:151) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪيو. |

هن جهڙيون بيون سيئي آيتون جن ۾ خاص ڪري ڪو حڪم يا ممانعت بيان ڪئي وئي هجي، ان جي پڙهڻ سان معلوم ٿي وڃي ٿو تہ فلاڻو فلاڻو ڪم ناجائز ۽ حرام آهي مثلاً ڪو شخص جڏهن قرآن ڪريم جي هي آيت پڙهندو.

| | |
|---|---|
| اِنَّ الَّذِیْنَ یُحِبُّوْنَ اَنْ تَشِیْعَ الْفَاحِشَةُ فِی الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَهُمْ عَذَابٌ اَلِیْمٌ ۙ فِی الدُّنْیَا وَ الْاٰخِرَةِ ؕ وَ اللّٰهُ یَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ۝۱۹ (پ 18، سوره نور آيت 19) | ترجمو: بيشڪ جيڪي ماڻهو چاهن ٿا تہ مسلمانن ۾ بي حيائي جي ڳالهہ پکڙجي (ڦهلجي) انهن جي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي. الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نٿا ڄاڻو |

هي آيت پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ئي اُن کي خبر پئجي ويندي تہ بيحيائي پکيڙڻ حرام آهي، ايئن ئي اڳئين آيت پڙهندي ئي واضح ٿي ويندو تہ بيحيائي بذات خود حرام بہ آهي، فرمايو:

وَيَنۡهٰى عَنِ الۡفَحۡشَآءِ وَالۡمُنۡكَرِ وَ الۡبَغۡىِ‌ۚ

(پ 14، النحل: 90)

ترجموڪنزالعرفان: ۽(اللّٰه) بي حيائي ۽ هر بُري ڳالهه ۽ ظلم کان روڪي ٿو.

انهي طرح هيٺ ڏنل آيت پڙهڻ سان ئي معلوم ٿي ويندو تہ ڪنهن يتيم جو مال پنهنجي ذات جي لاءِ استعمال ڪرڻ ڪيئن آهي؟

اِنَّ الَّذِيۡنَ يَاۡكُلُوۡنَ اَمۡوَالَ الۡيَتٰمٰى ظُلۡمًا اِنَّمَا يَاۡكُلُوۡنَ فِىۡ بُطُوۡنِهِمۡ نَارًا‌ ؕ وَسَيَصۡلَوۡنَ سَعِيۡرًا ۝١٠

(پ 4، النسآء:10)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي ظلم ڪندي يتيمن جو مال کائيندا آهن اهي پنهنجي پيٽ ۾ باهہ ڀريندا آهن ۽ عنقريب هي ماڻهو ڀڙڪندڙ باهہ ۾ ويندا.

خبر پئي تہ گناهن جي سڃاڻپ جي لاءِ علم ضروري آهي. تنهنڪري علم ۾ اضافي جي لاءِ ڪلام پاڪ ۽ احاديث کي فهم و تدبر سان پڙهڻ، سمجهڻ پڻ ديني ڪتاب پڙهڻ نهايت اهم ۽ فائديمند آهي.

قرآن ۽ حديث ۾ صرف ظاهري طور ذڪر ڪيل گناهن کان علاوه بہ عالمن سڳورن ديني علوم جي پروڙ ۽ سياڻپ جي ذريعي ڪيئي گناهن کي بيان ڪيو آهي. جيڪي ظاهري طور قرآن ۽ حديث ۾ مذڪور تہ نہ آهن، پر انهن ئي جي روشني مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي بہ ناجائز آهن، جيئن رياڪاريءَ جون باريڪيون. جيئن رياڪاري جي باري ۾ قرآن

مجيد جي آيت ته صرف ايتري آهي ته رياڪاري جي ذريعي پنهنجا عمل برباد نہ ڪيو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰىۙ كَالَّذِیْ یُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ

(پ 3، البقرة:264)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! احسان جتائي ۽ تڪليف پهچائي پنهنجا صدقا برباد نہ ڪيو ان شخص وانگر جيڪو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکاء لاءِ خرچ ڪندو آهي.

يا ٻيون آيتون آهن جن ۾ رياڪاري جي سبب عمل برباد ٿيڻ جو بيان آهي، پر رياڪاري جي تفصيل ۽ مختلف صورتون عالمن سڳورن ئي ڪيون آهن. اڪابرن جو انهي استنباط تي مشتمل هڪ ڪتاب "اَلزَّواجِر" بنام "جہنّم میں لے جانے والے اعمال" (مطبوعہ مڪتبة المدينہ دعوت اسلامي) بہ آهي، هي ڪتاب هن حوالي سان نهايت جامع آهي.

پر هڪ ڳالهه هتي غور قابل آهي ته معلومات هجڻ بي ڳالهه آهي ۽ معلومات جي مطابق عمل ڪرڻ بي ڳالهه آهي، ڪنهن کي ناهي خبر ته نماز فرض آهي، يقيناً نماز جي فرضيت جي سيني کي خبر آهي پر هڪ وڏي تعداد آهي علم هجڻ جي باوجود نماز ناهي پڙهندي. خبر پئي ته صرف معلومات ئي ڪافي ناهي هوندي ان سان گڏوگڏ دل ۾ جذبو، ترغيب ۽ عمل جي نيت هجڻ بہ ضروري آهي، ان جي بغير صرف ڪتاب ئي پڙهندو رهڻ مُفيد ناهي. اسان وٽ اهڙا بہ ماڻهو آهن جن پورا صِحاح سِتہ (يعني حديث جا مُستَند ڇهه ڪتاب) پڙهيا هوندا آهن، پر ان جي باوجود نماز جو ڪو جذبو ناهي ڏنو ويندو، يا ٻين نيڪ اعمال جي

طرف کا توجهه ناهي هوندي يا ٻين اعمال ۾ گهٽتائي، ڪوتاهي ڏني ويندي آهي، لهٰذا علم سان گڏ عمل به هجڻ گهرجي ۽ عمل جي لاءِ دل ۾ ترغيب ۽ ترهيب جي موجودگي نهايت مُفيد آهي ۽ انهن ٻنهي جي حصول جا ٻه طريقا آهن:

پهريون طريقو: هي آهي ته صرف احڪام ئي نه پڙهيا وڃن، بلڪ ان عمل جا فضائل ۽ وعيدون پڻ پڙهو يعني نيڪ عمل جي فضيلت ۽ بد عمل يعني گناهه جون وعيدون پڙهو، ان جي برڪت سان دل تي **ضرِبَ** لڳندي آهي ۽ اها عمل جي طرف مائل ٿيندي آهي.

ٻيو طريقو: چڱي صحبت آهي. چڱي صحبت، دل ۾ عمل جو جذبو پيدا ڪندي آهي، نه ته صرف معلومات گهڻي قدر عمل جي لاءِ ڪافي ناهي هوندي.

## دل جو اطمينان

سوال: ڪنهن ڪم تي دل جي اطمينان ۽ غير اطمينان جو گناهه سان ڪو تعلق آهي؟ يعني ڪجهه ماڻهو ڪو غلط ڪم ڪندا آهن ۽ سمجهائڻ تي جواب ڏيندا آهن ته مون صحيح ڪيو، ڇوته منهنجي دل مطمئن آهي، منهنجي ضمير تي ڪو بوجهه ناهي. ڇا دل يا ضمير جو اطمينان ان ڳالهه جو دليل آهي ته ڪيل عمل گناهه ناهي، غلط ناهي، بُرو ناهي؟

جواب: ان ڳالهه جي ڪجهه حقيقت آهي به ۽ ناهي به. تفصيل هيءَ آهي ته دل ۽ ضمير جي اهڙي ڪيفيت جي باري ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ’اَلْاِثْمُ مَاحَاكَ فِيْ نَفْسِكَ‘ يعني گناهه اهو آهي جيڪو تنهنجي دل ۾

ڪُتڪي. (مسلم، كتاب البر والصلة، باب البر والاثم، ص:1061، حديث:6517) يعني جيڪو دل ۾ ڪُتڪي، ضمير جنھن تي ملامت ڪري، بُرو سمجهي اھو گناھ آھي يا بُري ڳالھ آھي. پر ھن حديث سان گڏ ٻي حديث بہ ياد رکندا تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو آھي: 'اِذَا لَمْ تَسْتَحْيِ فَاصْنَعْ مَا شِئْتَ' (بخاری، كتاب الادب، باب اذا لم تستحی فاصنع، 29/8، حديث:6120) ترجمو: "جڏھن تو ۾ شرم ۽ حيا نہ رھي، تہ پوءِ جيڪو چاھي ڪر." مُراد ھي آھي تہ جڏھن انسان جي شرم ۽ حيا ئي ختم ٿي ويندي آھي، پوءِ ان کي ڪنھن ڳالھ جي ڪا پرواھ ناھي ٿيندي ۽ ان جي دل جيڪو چاھي، اھو ڪندو آھي. جيڪڏھن ڪنھن جي ھيءَ ڪيفيت آھي تہ ان جو شرم ۽ حياء ۽ ان جو لحاظ ختم ٿي چڪو آھي ۽ اھو جرئت ۽ دليريءَ سان گناھن جو ارتڪاب ڪري ٿو ۽ ان ڪان بعد چئي ٿو تہ منھنجو ضمير مطمئن آھي، تہ اھڙي انسان جو ضمير ڪنھن طرح بہ معتبر ناھي، بلڪ اھڙي جو ضمير ئي ٻي ضمير آھي، اھڙو ضمير تہ مُئل آھي. اھڙي انسان جو ھي چوڻ تہ منھنجو ضمير مطمئن آھي، ان جي ضمير تي ڪو اعتبار نہ ھوندو. ھيءَ ڳالھ تہ ڪيئي جاين تي ڏاڙيل ۽ قاتل بہ چئي ڇڏيندا آھن(تہ ڏاڙي ۽ قتل وقت منھنجي دل مطمئن ھئي)، تہ ڇا معاذَ الله اُن سان قتل ۽ ڏاڙو حلال ٿي ويندو؟ ڪڏھن بہ نہ. بلڪ ھڪ ٻي حديثِ مبارڪ بہ ان حوالي سان تمام خوبصورت رھنمائي ڪري ٿي. سرڪارِ دوعالَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ: 'دَعْ مَا يُرِيْبُكَ اِلٰى مَالَا يُرِيْبُكَ' يعني جنھن شيءِ ۾ شڪ آھي، ان کي ڇڏي ڏي ۽ ان کي اختيار ڪر جنھن ۾ شڪ ناھي. (ترمذی، كتاب صفة القيامه، باب-60، 232/4، حديث:2526) يعني تَرَدُّدُ ۽ شبھي ۽ شڪ واري ڪم کي نہ ڪيو وڃي. جيئن جيڪڏھن ڪنھن ڪم جي باري ۾ شڪ ھجي تہ خبر ناھي جائز آھي يا ناجائز آھي، تہ ان کي ڇڏي ڪري اھا صورت اختيار ڪئي

وجي، جيڪا بنا شبهي جي درست هجي. ان ڳالهه کي ڳِهرائي سان سمجهڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل تفصيل ذهن نشين ڪري وٺندا.

معاملو هي آهي تہ ڪجهه احڪام اهڙا آهن جن جو شريعت واضح طور حڪم ٻڌائي ڇڏيو، جيئن نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”اَلْحَلَالُ بَيِّنٌ وَالْحَرَامُ بَيِّنٌ وَبَيْنَهُمَامُشْتَبِهَاتٌ“يعني حلال بہ بلڪل واضح آهي ۽ حرام بہ بلڪل واضح آهي، پر انهن جي وچ ۾ ڪجهه شبهي وارا ڪم آهن. (ابن ماجہ، ڪتاب الفتن، باب الوقوف عند الشبہات، ص:1318) هاڻي شبهي وارين شين کي ڇا ڪيو وڃي؟ تہ فرمايائون: ”فَمَنِ اتَّقَى الشُّبُهَاتِ فَقَدِ اسْتَبْرَءَ لِدِيْنِهِ وَ عِرْضِهِ “ (ابن ماجہ، ڪتاب الفتن، باب الوقوف عند الشبہات، ص:1318) يعني جيڪو شبهي وارن ڪمن کان بچي ويو، ان پنهنجي دين ۽ عزت کي بچائي ورتو. تہ شريعت جو اصول هي مقرر ٿيو تہ جيڪو واضح طور تي حلال آهي، جنهن جو قرآن ۽ حديث ۾ حلال هجڻ واضح طور بيان ڪيو ويو آهي، ان جي باري ۾ ڪنهن جو ضمير چئي تہ نہ، هي ڪم صحيح نہ ٿو لڳي، تہ هتي ضمير جي چوڻ تي عمل نہ ٿيندو، ڇوتہ جڏهن ان کي دين واضح طور تي حلال ڪري ڇڏيو، تہ هاڻي اتي ضمير جو ڪو عمل دخل نہ رهيو. ها خارجي حڪمت جي ڪري مباح وغيره شين کي ترڪ ڪرڻ هڪ الڳ معاملو آهي.

اهڙيءَ طرح جن ڪمن کي شريعت واضح طور تي حرام چئي ڇڏيو، ناجائز چئي ڇڏيو، گناهِ ڪبيره چئي ڇڏيو، اهي ناجائز ۽ گناہ آهن ۽ انهن کي ڇڏڻ ضروري آهي، اهڙيءَ جڳهہ جيڪڏهن ضمير چئي تہ هي ڪم ڪيون، ڪو مسئلو ناهي، تہ اتي بہ ضمير جي نہ مڃي ويندي ۽ ضمير کي ڪنهن ڪنڊ ۾ رکيو ويندو.

ٽئين نمبر تي اهي ڪم آهن جن ۾ شرعي اعتبار سان شبهو ۽ گمان هجي، دليل جي اعتبار سان جائز ۽ ناجائز هجڻ معلوم نہ هجي، عالمن جو اختلاف هجي، اتي شريعت هيءَ رهنمائي فرمائي آهي تہ شُهبي جي ڪمن کان بچو. جيڪو بچي ويندو، اهو پنهنجي دين ۽ پنهنجي عزت کي بچائي ويندو، يعني نڪي ماڻهو ان جي باري ۾ چوندا تہ ڏسو هي ڇا ڪري رهيو آهي ۽ نہ ئي پاڻ بيقراريءَ جو شڪار رهندو، پڻ هن طرح ان جو دين بہ محفوظ ٿي ويندو، چوٿہ هيءَ شيءِ تقوٰي ۾ داخل آهي.

ان کان بعد ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون شيون اچي وڃن ٿيون، جن جي باري ۾ واقعي سوچ ويچار ٿي سگهي ٿي تہ هي مان ڪيان يا نہ ڪيان؟ هن جو ڪرڻ صحيح هوندو يا صحيح نہ هوندو؟ ہنهي طرف ذهن وڃي ٿو، هاڻي اهڙيءَ صورت ۾ ڪنهن شخص کي اجازت آهي تہ پنهنجي دل کان فتوٰي وٺي، پنهنجي ضمير کان پڇي وٺي ۽ ڪنهن کي اجازت ناهي؟ ان جا ڪجهہ اهم معيار آهن. جيئن اهڙو شخص جنهن جي حيا ئي ختم ٿي چڪي آهي ۽ اهو بُرن عملن تي دلير هجي، شريعت تي عمل جو ڪو شوق نہ هجي، تہ اهڙو شخص شرعي معاملن ۾ هرگز پنهنجي ضمير کان نہ پڇي، جڏهن تہ جيڪو شخص شريعت تي عمل ڪرڻ وارو هجي، نيڪ اعمال سان محبت رکندو هجي، گناهن کان بچڻ جو پورو ذهن هجي ۽ اهو بچندو بہ هجي، نيڪين سان محبت هجي ۽ اهو نيڪيون ڪندو بہ هجي، بلڪ نيڪين سان محبت بہ اهڙي هجي جو نيڪ عمل سان ان جي دل کي سرور ملندو هجي، قلبي نورانيت محسوس ٿيندي هجي، دل کي ٿڌاڻ ۽ سڪون ملندو هجي، ان کي ايمان جي حلاوت يعني ايمان جي مناس نصيب هجي، تہ اهڙو شخص

جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ شڪ جو شڪار هجي ۽ ان جو ضمير ان کي هي چئي ته هي ڪم ڪَر، ان ۾ حرج نہ آهي، ته اهو شخص دل جي ڳالھ مڃي سگهي ٿو جو ان جو ضمير اعلٰي ۽ مقبول درجي تي آهي. پر اهڙي شخص کي ڳولهڻ مشڪل ڪم آهي ۽ پاڻ کي ان مرتبي تي سمجهڻ خوش فهمي جي دريا ۾ غوطا لڳائڻ جي مثل آهي.

## دل جو گنهگار هجڻ

سوال: قرآنِ مجيد ۾ هڪ جملو بيان ٿيو آهي ته "ان جي دل گنهگار آهي" ۽ عام طور تي هي جملو بہ چيو ويندو آهي. سوال هي آهي ته دل جو گنهگار هجڻ ڇا آهي؟

جواب: دل جا گناھ ڪوڙ آهن، جيئن ڪفر ۽ شرڪ، هي دنياوي طور تي دل جا ئي گناھ آهن، ڇوته ڪفر جي معنٰي آهي: ضرورياتِ دين مان ڪنهن شيءِ جو انڪار ڪرڻ ۽ اِنڪار ۽ تصديق ٻئي دل جا فعل آهن. ايمان دل جي تصديق جو نالو آهي ۽ ڪفر دل جي انڪار کي چوندا آهن، پوءِ انهن ئي تي دلالت ڪرڻ وارا مختلف فعل آهن، جن کي ڪفر قرار ڏنو ويو آهي، پر جيڪا اصل تعريف آهي، اها هيءَ آهي ته دل ۾ تصديق جي بدران انڪار پاتو وڃي.

اهڙيءَ طرح شرڪ يعني الله پاڪ سان گڏ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ، اصل ۾ دل جو فعل آهي جو ماڻهو دل ۾ ڪنهن کي الله پاڪ جو شريڪ سمجهي ٿو، پوءِ اڳتي ان جا نظارا اچي ويندا آهن. ايئن ئي منافقت بہ دل سان ٿيندي آهي، ڇوته انسان ظاهري طور تي سيئي ڪم مسلمانن وارا ڪندو آهي، **روزو رکندو آهي**، نماز پڙهندو آهي، پر دل ۾

تصديق موجود ناهي هوندي آهي. لهٰذا ڪفر ۽ شرڪ ۽ منافقت ڪي، دل جا گناهه هجڻ آساني سان سمجهي سگهجي ٿو.

ان کان علاوه ٻيا ڪوڙ سارا گناهه آهن جن جو تعلق دل سان آهي، مثال طور: **تڪبّر** يعني ٻي کي حقير سمجهڻ ۽ اُن کي ڪجهه نہ سمجهڻ، دل جو فعل آهي. حسد يعني هيءَ تمنا ڪرڻ تہ ٻئي مسلمان کان نعمت زائل ٿي وڃي. هي تمنا دل ۾ ئي هوندي آهي، هاڻي ان جو ڪڏهن ڪڏهن اظهار بہ ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن صرف دل ۾ هي خواهش دٻائي ڪري رکندو آهي.

اهڙيءَ طرح رياڪاري بہ دل جو عمل آهي ۽ يقيناً دل سان ئي ٿيندي آهي جو ماڻهو مون کي سُٺو (نيڪ) سمجهن، عبادت گذار سمجهن. اهڙيءَ طرح تَڪَبُّر، حَسد، (هنن جو ذڪر هاڻي گذري چڪو) بغض ۽ ڪينو بہ گناهه آهن ۽ هي بہ گناهَ دل جي افعال مان آهن. انهن گناهن جو مُرتڪب "**دل جو گنهگار**" چورائيندو. ان ڪري شرعي اصطلاح ۾ بہ انهن کي "امراضِ قَلب" چيو ويو آهي يعني دل جون بيماريون/ باطني امراض. حديث مبارڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ "بدن جي اندر هڪ ٽڪرو آهي جيڪڏهن اهو سُڌري وڃي، تہ سڄو بدن سُڌري ويندو آهي، جيڪڏهن اهو بگڙجي وڃي تہ سڄو جسم بگڙجي ويندو آهي، ٻڌي ونو اها دل آهي."

(بخاری،کتاب الایمان، باب فضل من استبرألدينه ،1/ 28، حديث:52)

چوتہ جيڪڏهن دل مان حَسد، ڪينو، بغض، تڪبُّر نڪري وڃي ۽ ان ۾ اخلاص، صبر، شڪر، تَوَڪُّل، يقين، مُراقبو، محاسبو ۽ الله پاڪ سان محبت پيدا ٿي وڃي، تہ دل سُڌري ويندي آهي، ايئن جيڪڏهن دل سُڌري وڃي، تہ تمام عضوا سُڌري ويندا آهن ۽ جيڪڏهن دل بگڙجي

وجي، تہ ان مان اخلاص نڪري رياڪاري داخل ٿي ويندي آهي، ان مان عاجزي نڪري ڪري تڪبّر داخل ٿي ويندو آهي، ان مان خيرخواهي نڪري وڃي ۽ حَسد داخل ٿي وڃي، تہ ان مان دوستي نڪري ڪري بغض ۽ ڪينو داخل ٿي ويندو آهي، هي دل جي بگڙجڻ جون علامتون آهن ۽ جڏهن دل بگڙجي وئي، تہ پورو جسم بگڙجي ويندو آهي، پوءِ ٻانهو ڪم بہ اهي ئي ڪندو آهي جيڪي رياڪاري، تڪبّر، حَسد، بغض ۽ ڪيني جي تَقاضا هجي.

## فاسق جي تعريف

سوال: فاسق ڪنهن کي چوندا آهن؟

جواب: فاسق لفظ فسق مان ٺهيو آهي فا، سين، قاف، فسق جي لغوي معنيٰ هوندي آهي: نڪري وڃڻ/ ٻاهر نڪري وڃڻ يا خُروج ۽ شرعي اعتبار سان فِسق جو مطلب آهي: اللّٰہ پاڪ جي فرمانبرداري کان ٻاهر نڪري وڃڻ.

هاڻي هتي بہ ڳالهيون اوهان جي سامهون رکبيون تہ گناهہ جا بہ قِسم آهن: ڪبيره ۽ صغيره يعني وڏو گناهہ ۽ ننڍو گناهہ. جيڪو ماڻهو ڪبيره گناهہ هڪ ڀيرو بہ ڪري، اهو فاسق آهي، جڏهن تہ صغيره گناهہ بار بار ڪري، تہ فاسق هوندو آهي.

لِهٰذا فاسق جو اطلاق ان تي ٿيندو جيڪو ڪبيره گناهہ ڪري يا صغيره گناهہ باربار ڪري، هاڻي ان ۾ وڌيڪ بہ صورتون آهن. فاسق اهو گناهہ لڪي ڪري ڪندو آهي يا ظاهري. جيڪڏهن اهو لڪي ڪري ٿو، تہ ان کي ”فاسقِ غيرِ مُعلَن“ چيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ظاهري گناهہ ڪري تہ

ان کي ”فاسقِ مُعَلّن يا فاجِر“ چيو ويندو آهي. فاسقِ مُعَلن يا فاجِر جو لفظ انهيءَ جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

پوءِ هڪ ٻئي اعتبار سان فسق جا ٻہ قِسم آهن. پهريون قِسم: اهو فسق جنهن جو تعلق عقيدي سان آهي ۽ ٻيو قِسم: اهو فسق جنهن جو تعلق عمل سان هجي. قرآنِ پاڪ ۾ فسقِ عملي جو بيان آهي جيئن خنزير جو گوشت کائڻ ان کي فسق فرمايو ويو آهي، جڏهن تہ فسقِ عقيده جو قرآنِ پاڪ ۾ تمام گهڻو ذڪر آهي بلڪ گهڻو ڪري قرآنِ پاڪ ۾ فاسق ۽ فسق جو لفظ فاسق عقيده يا بدعقيده جي حوالي سان ئي بيان ڪيو ويو آهي. لهٰذا جنهن جو عقيدو فاسد آهي، جيئن صحابہِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم جي زماني ۾ ئي ”قَدْرِيّهِ فِرقو“ پيدا ٿي ويو هو، جيڪو تقدير جو انڪاري هو ۽ ان کان بعد هڪ ”جَبَرِيّہ فرقو“ نڪتو جيڪو هي چوندو هو تہ انسان صرف مجبور آهي جو اهو ڪجھ نہ ٿو ڪري سگهي، ان کان ڪَرايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ”خارجي فرقو“ جنهن جي وڏي سڃاڻپ حضرت عبدُ الله اِبنِ عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهما جن بيان فرمائي هئي تہ اهي مُشرڪن جي باري ۾ نازل ٿيڻ واريون آيتون مسلمانن تي ثابت ڪندا آهن. (بخاری،کتاب استتابة المرتدين و المعاندين و قتالهم، باب قتل الخوارج والملحدين،16/9) هاڻي هيءَ سڃاڻپ اڄ تائين هلندي پئي اچي، اڄ بہ ڪوڙ بدعقيده خارجي اهڙا آهن جيڪي بُتن جي باري ۾ نازل ٿيڻ واريون آيتون، انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ اولياءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم تي ثابت ڪندا آهن تہ بُتن وانگر معاذَ الله انبياء ۽ اولياء بہ بيوس آهن.

اهڙيءَ طرح هڪ فرقو ”معتزلہ“ گذريو آهي جيڪو الله پاڪ جي صِفت ۾ عجيب و غريب تاويلون ڪندو هو ۽ عذابِ قبر جو انڪاري هو ايئن ئي قرآنِ پاڪ جي باري ۾ انهن جا عقيدا عام مسلمانن کان هٽي ڪري

هئا، انهن جي ويجهو ڪلامُ الله، خدا جي صفت ناهي، بلڪ مخلوق آهي. هي سڀ ئي فاسقُ العقيده فرقا آهن، جن جو عقيدو بگڙجي ويو، جيڪي عقيدي ۾ الله پاڪ جي فرمانبرداري کان نڪري ويا.

گفتگو جو خلاصو هي آهي ته فسق جي معنٰي اها آهي ته نڪري وڃڻ ۽ اصطلاحي معنٰي الله پاڪ جي فرمانبرداري کان ٻاهر نڪري وڃڻ، پوءِ جيڪڏهن ڪبيره گناه ڪيو، ته فاسق ۽ صغيره گناه تي اصرار ڪيو ته فاسق، پوءِ لِڪي ڪري ڪيو، ته فاسقِ غيرِ مُعلن، ظاهري ڪيو ته فاسقِ مُعلن يا ان کي فاجِر چيو ويندو. اِڪتي اها ئي تقسيم آهي ته عقيدي جي اعتبار سان فاسق آهي يا عمل جي اعتبار سان.

## گناه جي ڪم ۾ مخلوق جي ڳالهه مڃڻ جو حڪم

سوال: ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي ته مڙس، والدين يا حڪمران يا استادَ يا آفيسر ڪنهن اهڙي ڳالهه جو حڪم ڏيندا آهن، جيڪو شريعت جي اعتبار سان گناه آهي، اهڙي صورت ۾ ڇا حڪم هوندو، ڇا انهن جي ڳالهه مڃڻ صحيح آهي خاص طور جيڪڏهن والدين يا مڙس حڪم ڏي؟

جواب: مخلوق جي اطاعت جائز ڪمن ۾ ڪري سگهجي ٿي، جڏهن ته گناه ۽ معصيت جي ڪمن ۾ انهن جي اطاعت نه ڪئي ويندي، حديث مبارڪ ۾ واضح طور فرمايو ويو ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: " اِنَّمَا الطَّاعَةُ فِی الْمَعْرُوْفِ" يعني اطاعت صرف نيڪي ۾ آهي.

(مسلم، كتاب الامارة، باب وجوب طاعة الامراء فی غير معصية، ص:789، حديث:1840(4765)

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: يعني خالق جي نافرماني ۾ ڪنهن مخلوق جي اطاعت نہ ٿي ڪري سگھجي.

(المصنف، ڪتاب السير، باب فی امام السرية يامرہم بالمعصية، 247/18، حديث:34406)

اهڙيءَ طرح قرآنِ پاڪ جي آيت مبارڪ بہ آهي تہ

وَاِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰۤى اَنْ تُشْرِكَ بِیْ مَا لَیْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا وَ صَاحِبْهُمَا فِی الدُّنْیَا مَعْرُوْفًا ۖ٘ وَّ اتَّبِعْ سَبِیْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَیَّ ۚ ثُمَّ اِلَیَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۵﴾

(سيپارو 21، سورة لقمان: آيت 15)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جيڪڏهن اهي ٻئي توتي ڪوشش ڪن تہ تون ڪنهن اهڙيءَ شيءِ کي منهنجو شريڪ ٺاهين جنهن جو توکي علم ناهي تہ انهن جو چوڻ نہ مڃ ۽ دنيا ۾ چڱي طرح انهن جو ساٿ ڏي ۽ منهنجي طرف رجوع ڪرڻ واري انسان جي رستي تي هل پوءِ منهنجي ئي طرف توکي موٽي اچڻو آهي پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندُس جيڪي توهان ڪندا هيؤ.

هن آيت ۾ والدين جو ئي خاص طور تي ذڪر آهي ۽ فرمايو ويو تہ جيڪڏهن اهي توکي الله کان شريڪ ڪرڻ جو چَون تہ تون انهن جي ڳالھ نہ مڃ، پر دنياوي معاملن ۾ انهن سان سُٺو سُلوڪ ڪر. لهٰذا والدين ڪنهن گناھ جو حڪم ڏين تہ عمل نہ ڪيو وڃي مثال طور جيڪڏهن والدين ڏاڙهي رکڻ کان منع ڪن تہ انهن جو منع ڪرڻ بہ گناھ آهي ۽ انهن جي هيءَ ڳالھ مڃڻ بہ گناھ آهي چوتہ ڏاڙهي رکڻ جو حڪم نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ڏنو آهي تہ مڃون نٿا ڏيون ڪيو ۽

ڏاڙهي وڌايو، (بخارى، كتاب اللباس، باب اعفاء اللحى، 160/7، حديث:5893) لٰهذا الله ۽ رسول عزّوجلّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقابل جنهن جي ﺑﻪ ڳالھ هوندي اها ﻧﻪ مڃي ويندي.

## وَسْوَسن جو بيان

سوال: وسوسا ڇو ايندا آهن، ۽ انهن جو حڪم ڇا آهي؟

جواب: وسوسن اچڻ جو سبب نفس ۽ شيطان آهن جو شيطان انسان جي دل ۾ ٻاهران وسوسا وجهندو آهي، ايئن ئي ڪجھ انسان ﺑﻪ پنهنجي ڳالهين سان وسوسا وجهندا آهن، جيئن ﺗﻪ قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

الَّذِیْ یُوَسْوِسُ فِیْ صُدُوْرِ النَّاسِۙ(۵) مِنَ الْجِنَّةِ وَ النَّاسِ۠(۶)

(سيپارو 30، سورة ناس: آيت 5،6)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو ماڻهن جي دلين ۾ وسوسو وجهي ٿو جِنن ۽ انسانن مان.

يعني وسوسا وجهڻ وارو جن ﺑﻪ ٿي سگهي ٿو ۽ انسان ﺑﻪ ۽ وسوسو وجهڻ شيطان جي وڏن ڪمن مان آهي ڇوته شيطان بنيادي طور تي اهو ئي ڪم سرانجام ڏيندو آهي جو ماڻهن کي گناهه ۽ ڪفر جا وسوسا وجهندو آهي. ٻئي پاسي نفس آهي جيڪو شيطان وانگر انسان کي وسوسي ۾ مبتلا ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ ان جي وسوسن کي ”نفساني وساوِسا“ چئبو آهي جيئن رمضان مهيني ۾ شيطان قيد هجڻ جي باوجود ماڻهن کي وسوسا ايندا آهن. هي نفس جي طرف کان هوندا آهن ڇوته نفس، شيطان سان گهري رابطي جي ڪري تمام گهڻو طاقتور ٿي

ڇڪو هوندو آهي ۽ ان جا وسوسا بہ اوترو ئي اثر رکندا آهن، جيترو شيطان جا وسوسا. معلوم ٿيو تہ وسوسن جو بنياد شيطان ۽ نفس آهي.

## وسوسن جي سڃاڻپ جو طريقو

سوال: وسوسن جي سڃاڻپ ڪيئن ٿي؟

جواب: وسوسن جي سڃاڻپ جي لاءِ امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ڪتاب ”**مِنهاجُ العابدين**“ جو مطالعو ڪيو وڃي. ان ڪتاب ۾ امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان تي تمام خوبصورت ڪلام ڪيو آهي تہ ٻانهي جي دل ۾ جيڪي خيالات اچن، اهو انهن کي ڪيئن سڃاڻي تہ هي رحماني آهي يا شيطاني؟ پڻ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”وسوسا ۽ ان جو علاج“ ۾ بہ تمام خوبصورت معلومات موجود آهي.

## وسوسن ۾ گناہ جي صورت

سوال: دل ۾ جيڪي وسوسا ايندا آهن، هي گناہ آهن يا نہ؟

جواب: عام طور تي ايئن ٿيندو آهي تہ هڪ ماڻهو جي دل ۾ گناہ جو صرف خيال ايندو آهي، پر اهو پاڻ کان ان خيال کي پري ڪري ڇڏيندو آهي، هن طرح جي وسوسن تي گناہ ناهي. هونئن دلي خيالن جا ڪوڙَ قِسم آهن، جنهن مان بہ هي آهن: (1) هڪ عزم آهي ۽ عزم جو مطلب آهي پڪو اِرادو، جنهن کي اسان ”عزمِ مُصَمَّم“ چوندا آهيون. **عزمِ مُصَمَّم** تي پڪڙ ٿيندي ۽ ان تي گناہ ٿيندو آهي. انهيءَ عزم جي ذريعي انسان گناہ جا سبب مهيا ڪندو آهي ۽ پهنچڻ طرف کان ڪوشش ڪندو آهي، توڙي جو اهو ڪنهن سبب گناہ نہ بہ ڪري سگهي مثال

طور: هڪ ماڻهو گهران چوريءَ جي ارادي سان نڪتو، پوءِ ڪنهن سبب اهو چوري نہ ڪري سگهيو، جيئن اتي ماڻهو جاڳي رهيا هئا يا پوليس موجود هئي وغيره. تہ اهڙيءَ صورت ۾ ماڻهو گنهگار ٿيندو، چوتہ ان گناہ تي **عزمِ مُصَمَّم** (يعني پڪو اِرادو) ڪري ورتو هو. معلوم ٿيو تہ عزمِ مُصَمَّم جتي ڏنو ويندو اتي گناھ ملندو. (2) ٻيو هي آهي تہ ماڻهو پنهنجي تصور ۾ بي حيائي جو ڪم ڪري، ان صورت ۾ بہ ٻانهو گنهگار ٿيندو آهي.

## رشتيدارن سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ

سوال: جيڪڏهن ڪو رشتيدار وغيره اسان سان بُرو ڪري، تہ اسان کي ڪهڙو ردِّ عمل ڏيڻ گهرجي؟

جواب: انهيءَ سان ملندڙ جلندڙ سوال نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ بہ ٿيو هيو تہ منهنجا رشتيدار مون سان سُٺو سلوڪ نہ ٿا ڪن، پر مان انهن سان سٺو سلوڪ ڪندو آهيان، تہ ڇا مان پنهنجو هي عمل جاري رکان؟ يعني مان انهن سان صلهءِ رحمي نيڪ سلوڪ جاري رکان يا مان بہ پوءِ بدلي جي طور اهريءَ طرح ڪيان؟ اُن جي جواب ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ تون پنهنجو سُٺو سلوڪ جاري رک، حديث جا الفاظ هي آهن: يعني هڪ شخص عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجا قريبي مائٽ آهن، مان انهن سان تعلق جوڙيندو آهيان ۽ هو مون سان توڙيندا آهن، مان انهن سان ڀلائي ڪندو آهيان، پر هو مون سان بُرائي ڪندا آهن، مان انهن سان بُردباري سان پيش ايندو آهيان، جڏهن تہ هو مون سان جهالت سان پيش ايندا آهن. تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪڏهن ايئن ئي آهي، جيئن

تون ڇنئي رهيو آهين، تہ تون انهن جي وات ۾ گرم خاڪ وجهي رهيو آهين ۽ تو سان گڏ اللہ پاڪ جي طرف کان انهن خلاف هڪ مددگار رهندو، جيستائين تون ان حال تي رهين. (مسلم، كتاب البر والصلة، باب صلة الرحم و تحريم قطيعتها، ص:1062، حديث:2558(6525)) لهٰذا رشتيدارن جي ڳالهين کي برداشت ڪيو وڃي ۽ پنهنجو سُٺو سلوڪ جاري رکيو وڃي، بلڪ هڪ حديث مبارڪ ۾ واضح حڪم آهي: ''صِلْ مَنْ قَطَعَكَ'' يعني تون انهن سان پنهنجي رشتيداري جوڙي رک جيڪو تو سان ٽوڙي ٿو. (مسند احمد، مسند الشاميين، حديث عقبہ بن عامر الجهنی، 148/6، حديث:17457) لهٰذا جيڪو رشتيدار رشتيداري ٽوڙيندو آهي ان کي جوڙڻ جي ئي ڪوشش ڪئي وڃي.

بهارِ شريعت جي هڪ عبارت جو خلاصو آهي تہ: رشتيدار سُٺو سلوڪ ڪن ۽ اسان بہ انهن سان سُٺو سلوڪ ڪيون، هي تہ ادلو بدلو آهي، جيڪو ڪنهن سان بہ ماڻهو ڪري وٺندو آهي. صلهٔ رحمي هيءَ آهي تہ اهو توسان ٽوڙي ۽ تون ان سان جوڙين، هُو تو سان زيادتي ڪري ۽ تون ان سان ڀلائي ڪرين. صلهٔ رحمي جي بنيادي مفهوم ۾ هيءَ ڳالھ بہ شامل آهي تہ رشتيدار جيڪڏهن زيادتي ڪن ٿا، بُرو ڀلو چون ٿا، رشتيداري ٽوڙين ٿا، تہ انهن سان سُٺي سلوڪ جي ڪوشش ڪئي وڃي. البت هي ضروري آهي تہ دنياوي حڪمتِ عملي ماڻهو کي اپنائڻ گهرجي جو بلاوجھ پاڻ کي ذلت جي مقام تي پيش ڪرڻ جي بدران ان کان بچڻ جون صورتون اپنايون وڃن ۽ پنهنجي طرف کان ڪوشش ڪري ۽ هي ذهن بڻائي تہ مان ان جي لاءِ ڀلائي جي ئي دُعا ڪندُس، منهنجي دل ۾ ان جي لاءِ ڀلائي جو جذبو ئي رهندو، مان ان کي جتي ڀلائي پهچائي سگهندس، تہ ضرور پهچائيندس، مان ان جي ظلم جو بدلو ظلم سان نہ ڏيندس، ان جي گارين جي بدلي گار نہ ڏيندس.

ها ان جي شر کان بچڻ جي لاءِ پاڻ کي ڪجهه فاصلي تي رکو ۽ وقفي وقفي سان حسنِ سلوڪ جو معاملو ڪندا رهو.

## قلبي (باطني) گناهن جو بيان

سوال: قلبي (باطني) گناهن جي شريعت ۾ ڇا اهميت آهي، پڻ قلبي گناهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ هڪ مسلمان جي لاءِ ڪيترو ضروري آهي؟

جواب: تمام گناهن جي حوالي سان بنيادي حڪم هڪ ئي آهي، توڙي جو اهي باطني هجن يا ظاهري هجن جو مختلف صورتن ۾ مختلف احڪام ٿيندا، مثلاً: ڪوڙ سارا گناهه اهي آهن جن سان ماڻهو جو واسطو ئي ناهي پوندو، جهڙوڪ ڪنهن جا والدين نه آهن، ته والدين جي متعلق اڪثر شرعي احڪامَ سکڻ ضروري ناهي، اهڙيءَ طرح ڪنهن تي حج فرض ناهي، ته ان تي حج جا احڪامَ سکڻ ضروري ناهي ۽ حج جي دوران ٿيڻ وارن گناهن جي معلومات حاصل ڪرڻ به ضروري ناهي. اهڙيءَ طرح ڪو ماڻهو شادي شده ناهي ته گهرَ واري ۽ ٻارن جي متعلق احڪامَ سکڻ ضروري ناهي.

انهن کان علاوه ڪيئي گناهه واضح هوندا آهن، جيڪي سيني کي معلوم هوندا آهن، جيئن چوري، ظلم، ڌاڙو، هي سڀ اهي گناهه آهن، جن جو سيني کي علم هوندو آهي ته انهن جو خاص ڪري علم سکڻ ضروري ناهي سواءِ ان جي جو ڪجهه شين ۾ توري گهڻي اهڙي تفصيل تي سگهي ٿي جنهن کان ماڻهو غافل ٿي ڪري ان جو مرتڪب

ٿي ويندو آهي. جيئن چوريءَ کي سڀ ناجائز ۽ گناھ ڄاڻيندا آھن، پر مسجد ۾ جڏھن پنھنجا جوتا چوري ٿي وڃن، تہ ان سان ملندڙ جلندڙ جُتي تي نظر پئي تہ ماڻھو قياس ڪري وٺندو آھي تہ  چور منھنجا جُوتا ڪٺي ويو آھي ۽ ھي ڇڏي ويو آھي، چوريءَ جي فِقهي تعريف تہ ھتي پوري نہ ٿي، پر بھرحال ھي گناھ آھي ۽ ھڪ اعتبار سان ھي بہ چوري آھي. ايئن ئي مڪي مديني مان  جوتا تبديل ڪري آڻڻ بہ جائز نہ آھي.

ھڪ ٻيو مثال يتيم جو مال ڦٻائڻ جو آھي ھي بہ حرام آھي ۽ ان جو علم سيني کي آھي، پر ڪنھن شخص جي انتقال کان بعد ان جي يتيم جي وراثت واري مال مان ٽيجهي وغيره جي خيرات جي ماني ڪارائي ويندي آھي. ھاڻي ھي ٽيجهي جو ختمو، چاليھين جو ختمو ھڪ نفلي صدقو آھي ۽ فِي نَفسہٖ ٽيجهو چاليھو جائز آھي، ثواب جو ڪم آھي، پر يتيم جي مال مان ڪرڻ ناجائز ۽ گناھ آھي ۽ ان ڪاڏي کي، کائڻ جي اجازت پاڻ يتيم بہ نہ ٿو ڏئي سگھي، ڇوتہ اھو نابالغ آھي ۽ نابالغ اھڙي اجازت نہ ٿو ڏئي سگھي. ھاڻي جيڪو شخص بہ ان ٽيجهي وغيره مان کائيندو، اھو يتيم جي مال کائڻ جي گناھ جو مُرتڪب ٿيندو، پر ان جي طرف ماڻھن جي توجھ ناھي ھوندي، ھن مسئلي ۾ عنوان تہ معلوم ھوندو آھي تہ ”**يتيم جو مال کائڻ حرام آھي**“ پر ان جي تفصيلات معلوم ناھي ھوندي.

ان کان علاوه ڪوڙ گناھ اھڙا آھن جن جي تفصيل ڄاڻڻ جي بغير ماڻھو انھن کان بچي ئي نہ ٿو سگھي، جيئن ڪاروبار ۾ ڪجھ شيون تہ اھڙيون آھن، جن جو گناھ ھجڻ ھر شخص واضح طور تي ڄاڻيندو آھي،

جيئن دوکو ڏيڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، خيانت ڪرڻ، ملاوٽ ڪرڻ هي سڀ ناجائز آهن وغيره وغيره. پر انهن کان علاوه بہ شريعت جا ڪوڙ احڪام آهن جنهن کي ”عُقودِ فاسده“ چيو ويندو آهي يعني اهڙا ايگريمنٽ (معاهدا) جنهن ۾ شريعت جي اعتبار سان ڪو فساد پيدا ٿي وڃي، اها تفصيل سيني کي معلوم ناهي هوندي، لهٰذا واپاري تي واپار جي متعلق مسئلا سکڻ ضروري آهن. جيڪڏهن نہ سکندو، تہ نہ سکڻ جو بہ گناه ٿيندو ۽ پوءِ علم نہ هجڻ جي ڪري بين ڪيئي گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو.

گناهن جو هڪ قِسم ”باطني گناه“ بہ آهي. باطني گناهن ۾ نوي فيصد اهڙا گناه آهن جن جو اِرتڪاب ”**رياڪاري**“ ۽ ”حبِ جاه“ جي سبب ٿيندو آهي، پر انهن جي معلومات نہ هجڻ جي ڪري ان جي مُرتڪب کي ان جي خبر ئي ناهي پوندي تہ مان رياڪاري يا حُبِ جاه جي گناه ۾ مبتلا ٿي رهيو آهيان. باطني گناهن جي متعلق معلومات نہ هجڻ جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ ماڻهو رياڪاري ڪري چوندو آهي، مان رياڪاري ٿوري ڪري رهيو آهيان يا ماڻهن کي گهٽ سمجهي ڪري ۽ پاڻ کي وڏو سمجهي ڪري چوندو آهي تہ ادا! مان تڪبُّر ناهيان ڪري رهيو، هي آهن ئي منهنجا نوڪر چاڪر، منهنجا ملازم، هي آهن ئي اهڙا. هاڻي هتي مُتڪبر شخص بين کي حقير سمجهي رهيو هوندو آهي، پر ان کي علم ناهي هوندو تہ مان تڪبر ڪري رهيو آهيان، ۽ ايئن مان گناه جو مُرتڪب ٿي رهيو آهيان، هاڻي اهڙين شين جي اعتبار سان گناهن جي معلومات جو حاصل ڪرڻ نهايت ضروري آهي ۽

ان جو هيءُ ئي طريقو آهي تہ ديني ڪتابن جو مطالعو ڪيون، علماءِ اهلِ سنّت کان گناهن جي باري ۾ سکون ۽ جيڪي ذريعا علم حاصل ڪرڻ جا آهن، انهن کان علم سکون.

## گناهن جي معلومات حاصل ڪرڻ

سوال: گناهن جي سَرسري معلومات حاصل ڪرڻ جي بدران تفصيلي معلومات ڪيئن حاصل ڪيون؟

جواب: ڪيئي گناهن جي متعلق واقعي تفصيلي علم هجڻ ضروري هوندو آهي، نہ تہ ڪجهه گناهہ اهڙا هوندا آهن جن کي نيڪي ڪرڻ جي گمان ۾ ڪيو ويندو آهي. ڪجهه مثال ملاحظہ فرمائيندا:

پهريون مثال: حڪمِ شريعت (يعني سنّت هي) آهي تہ مرد پيڏيون کليل رکي، ان حڪم (سنّت) تي عمل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه ماڻهو نماز پڙهڻ جي لاءِ شلوار يا پينٽ وغيره کي فولڊ ڪري وٺندا آهن، جيڪو گناهہ آهي چوتہ نماز ۾ پيڏيون ڍڪجي وڃن، تہ (هي) مڪروهہ تنزيهي آهي، جيڪو گناهہ ناهي، پر نماز ۾ شلوار موڙڻ، فولڊ ڪرڻ مڪروهِ تحريمي آهي، جيڪو گناهہ آهي.

ٻيو مثال: ٻارن کي مسجد ۾ وٺي اچڻ سُنو ڪم آهي، پر ايترن ننڍڙن ٻارن کي مسجد ۾ آڻڻ جائز ناهي جو مسجد ۾ پيشاب پائخانو ڪندا يا وري دانهون ڪندا ۽ خبر هجي تہ هي ٻارَ دانهون ڪندا، تہ اهڙن ٻارن کي مسجد ۾ وٺي اچڻ گناهہ آهي. هاڻي ڏسو تہ وٺي اچڻ واري پنهنجي

طرف کان وڏي جذبي سان نيڪي سمجهي ڪري ٻارن کي آندو، پر علم جي گهٽتائي جي سبب گناھ جو ارتڪاب ڪيائين. خبر پئي ته علمِ دين سکڻ ضروري آهي ۽ علمِ دين سکڻ بغير گذارو ناهي ۽ عمل جو بنياد ئي علم آهي، لهٰذا علم سکو ته جيئن هي نه ٿئي جو پنهنجي طرف کان نيڪي سمجهي ڪري گناھ ئي ڪندا رهو.

## گناھ تي تعاون ڪرڻ

سوال: گناھ تي مدد ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: گناھ تي مدد جي ممانعت جو حڪم قرآن پاڪ ۾ بلڪل واضح طور موجود آهي. الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۪ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۪ (سيپارو 6، سورة مائده: آيت: 2) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ تي هڪٻئي جي مدد ڪيو ۽ گناھ ۽ زيادتيءَ تي هڪٻئي جي مدد نه ڪيو. |

قرآنِ پاڪ جي نصِ قطعي موجود آهي ته گناھ تي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جي اجازت ناهي، بلڪ حڪم هي آهي ته گناھ کان روڪيو وڃي. ان حوالي سان هڪ دلچسپ حديث مبارڪ آهي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ”اُنْصُرْ اَخَاكَ ظَالِمًا اَوْ مَظْلُوْمًا“ يعني پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪيو توڙي جو ظالم هجي يا مظلوم هجي، صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم جن عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مظلوم جي ته اسان مدد

ڪيون، پر چا ظالم جي بہ مدد ڪيون؟ فرمايائون: هائو! ۽ ظالم جي مدد هي آهي تہ توهان ان کي ظلم کان روڪيو." (بخاری، کتاب المظالم، باب اعن اخاک ظالما او مظلوما، 128/3، حديث:2443) هي ظالم جي لاءِ مدد هيئن آهي جو ان جي آخرت جي لاءِ مُفيد آهي. تہ گنهگار جي مدد هيءُ آهي تہ ان کي گناهہ کان روڪيو وڃي. هن مان انهن ماڻهن کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي دوستي ياري نڀائڻ جي چڪر ۾ هڪٻئي جي گناهن ۾ مدد مُعاونت ڪندا آهن ۽ پنهنجي طور تي سمجهندا آهن تہ دوستيءَ جو حق ادا ڪري رهيو آهيان. الله پاڪ اسان سيني کي هر طرح جي ظاهري باطني بيمارين ۽ گناهن کان محفوظ رکي، اسان کي نيڪ بڻائي ۽ نيڪين تي استقامت عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ارشاد فرمايو: يعني نور جڏهن سيني ۾ داخل ٿيندو آهي ته سينو کُلي ويندو آهي، عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا هن جي ڪا نشاني آهي جنهن سان نور سڃاتو وڃي؟ ارشاد فرمايائون: ها دوکي جي جڳهه (دنيا) کان پري رهڻ، دائمي گهر(يعني آخرت) جي طرف رجوع ڪرڻ ۽ موت اچڻ کان پهريان اُن جي تياري ڪرڻ.

(شعب الايمان، ، 7/352، حديث10552)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net